# بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن ڪراچي

سيڪنڊري اسڪول سرٽيفڪيٽ امتحان

## **ماڊل پيپر 2023ع**

## **سنڌي سليس(لازمي)**

ڪلاس ڏھون- (جنرل گروپ)

وقت: ٽي ڪلاڪ **ڪل مارڪون: 75**

### **حصو "الف" (گھڻ چونڊائتا سوال) 20%**

وقت: 30 منٽ مارڪون:15

1. نوٽ: ھن حصي مان 15 **MCQs** ڏنا ويندا. ھر ھڪ سوال ھڪ مارڪ جو آھي.
**MCQs** تمام سبقن ۽ نظمن مان ڏنا ويندا.

**Main Paper**

وقت: اڍائي ڪلاڪ ڪل مارڪون:60

### **حصو "ب" (مختصر جواب جا سوال) 40%** مارڪون 30

.2 ھيٺين مان ڪن بہ پنجن سوالن جا جواب لکو:- 10
(i) ڪينجھر لڳڻ اصطلاح جي معنيٰ ڇا آھي؟
(ii) عربن جي دؤر ۾ سنڌي ادب جا ڪھڙا اھڃاڻ ملن ٿا؟
(iii) سليم ۽ ارشد ڏاڙيلن جو خاتمو ڪيئن آندو؟
(iv) ڪڙميءَ ڪي خواب جو تعبير ڪنھن ٻڌايو؟
(v) اجرڪ جا ڪھڙا چار رنگ ٿيندا آھن؟
(vi) خط لکڻ جي شروعات ڇا سان ڪئي ويندي آھي؟
(vii) حضرت سلمان فارسيؓ ڪٿي جو رھاڪو ھو؟
(viii) شاعر ھاريءَ ڪي ڪھڙي دعا ٿو ڪري؟
(ix) شاعر ڪنھن جي مٿان سر ساھہ گھورڻ ٿو گھري؟

.3 ھيٺين لفظن مان ڪن بہ ڇئن جا جملا ٺاھيو:- 4
پسارا - ھاڪ - تڪرار - نيڪنامي - بھبود ۔- مستحق - پڇاڙي

.4(الف) ھيٺين لفظن مان ڪن بہ ڇئن جا ضد لکو:- 4
حرام - رھبر - خادم - سخي - خراب - شھر - عوام

(ب) ھيٺين لفظن مان ڪن بہ ٽن جا واحد يا جمع لکو:- 3
دعائون - ھٿُ - ھاٿي - ڪمرا - قوم - پکو

(ج) ھيٺين لفظن مان ڪن بہ ٽن جامذڪر يا مونث لکو:- 3
عورت - ڊاڪٽر - ڳئون - چاچي - جھرڪي - شھزادي

(د) ھيٺين مان ڪنھن بہ ھڪ جي مثال ڏيئي وصف لکو:- 2
حرف جر ، ظرف

.5 ھيٺين مان ڪن بہ ڇئن اصطلاحن جي سنڌيءَ ۾ معنيٰ لکو:- 4
گوءِ ڪٽي وڃڻ - ڪينجھر لڳڻ - ڳڻ ڳائڻ - لذت چڱڻ - ھڙان ڏيڻ - پيرن ھيٺان لتاڙڻ - پڇاڙو ٽيڻ

**(ھلندڙ)**

يا

**هيٺ ڏنل پئراگراف پڙهي آخر ۾ ڏنل سوالن جا جواب لکو:**

**رڌڻو هميشه ٻهاريل، اڇو اجرو هجي. تنهن  کان پوءِ اهو به ڌيان ۾ رکجي، ته رڌڻي کي مهيني ٻن کان پوءِ ليپو ضرور ڏجي. رڌپچاءُ ۽ کاڌي پيتي جي ٿانون کي چار سان ملي صاف ڪجي. چار ۾ سٽپ ۽ ميراڻ جذب ٿي وڃن ٿا.**

(i) رڌڻو ڪيئن هئڻ گهرجي؟

(ii) رڌپچاءُ ۽ کاڌي پيتي جا ٿانو ڇا سان ڌوئڻ گهرجن؟

(iii) چار ۾ ڇا جذب ٿين ٿا؟

(iv) رڌڻي کي مهيني ٻن کان پوءِ ڇا ڪرڻ گرجي؟

## حصو "ج" (بياني جواب جا سوال) 40%　　　　مارڪون 30

6. **هيٺين مان ڪنهن به هڪ عنوان تي مضمون لکو:-** 6

**(i) استاد جي عظمت  (ii) بهار جي موسم  (iii) يومِ پاڪستان**

7. **پنهنجي اسڪول جي هيڊماستر/هيڊماسترياڻيءَ کي پڪنڪ تي وڃڻ جي اجازت لاءِ درخواست لکو.** 6

**يا**

**پنهنجي والد صاحب کي خط لکي ڪائنس ڪتابن ۽ يونيفارم جي خريداريءَ لاءِ پنج هزار رپين جي گهر ڪريو.**

8. **هيٺ ڏنل شعرن مان ڪن به ٻن جي سمجهاڻي نظم ۽ شاعر  جي حوالي سان لکو:** 6

(i) **هميشه شال دنيا ۾ جهنڊو اسلام جو جهولي،**
**جتي پيو سو وجي پهچي، رهي قائم اتي برپا.**

(ii) **آريءَ جـــــي اڇــڻ جي روز نهاريـــان راهه،**
**آڻيندس الله، مـــــون ســــر صدقي ڪيـــو.**

(iii) **تنهنجي محنت لائـــي رنگ،**
**ڏک وڃن ٿئي سک جو سنگ.**

(iv) **تنهنجي مٽيءَ ۾ مشڪ ۽ تنهنجي هوائن ۾ هڳاءُ،**
**مهراڻ جي هر موج ڇڙ امـــرت سندي ڌارا وطن.**

**يا**

**هيٺ ڏنل بند جي تشريح نظم ۽ شاعر جي حوالي سان لکو:-**

**مون سان جي ڪٽي ڪو به برائي ٿو ڪـري،**
**دل منهنجي برائيءَ مان نه ته به ان ڏي وري،**
**آءُ ان سان به دل ساڻ ڪندس پيو نيڪـــي،**
**توفيق جـــو هٿ شــــال خـــــداوند ڌري!**

9. (الف) **هيٺين مان ڪنهن به هڪ سبق جو"خلاصو"  يا  "مرڪزي خيال" لکو:-** 5

(i) هنر دولت آهي (ii) ٻه ته ٻارهن  (iii)  نصرپور

(ب) **هيٺين مان ڪنهن به هڪ نظم جو مرڪزي خيال لکو:-** 4

(i) ٻٽايون سک جو ڪو سنسار (ii) هاري  (iii)  ڏيئو

(ج) **هيٺ ڏنل پيراگراف جو اردوءَ ۾ ترجمو ڪريو:-** 3

**آءُ اوهان کي يقين ٿو ڏياريان ته دنيا ۾ اوهان جي ضمير کان وڌيڪ ڪا به شئي نه آهي. جڏهن اوهان خدا جي حضور ۾ پيش ٿيو تڏهن اوهان خوداعتماديءَ سان چئي سگهو ته مون تي جيڪي فرض رکيل هئا اهي مون پورا ڪري ڇڏيا.**

-----------